# جهنم جون سزائون

ستائیسویں رمضان ۱۴۴۰ کے
اجتماع کا بیان

**01-June-2019**

هفتيوار سنتن پري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن پريو بيان

(For Islamic Brothers)



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# جهنم جون سزائون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

نبي رَحمت، شفيع اُمّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رَحمت آهي: بيشڪ جيڪو مون تي دُرُود پڙهندو الله ڪريم ان ڏانهن رَحمت ڀري نگاهہ فرمائيندو ۽ الله پاڪ جنهن ڏانهن رَحمت ڀري نگاهہ فرمائيندو آهي ان کي ڪڏهن بہ عذاب ۾ مبتلا نہ فرمائيندو. (افضل الصلوة،ص ١٩٧)

سُرُور رہتا ہے کَیف دَوام رہتا ہے — لَبُوں پہ میرے دُرُود و سَلام رہتا ہے
بَری ہیں نارِ جہنّم سے وہ خُدا کی قسم! — کہ جن کو ذِکرِ محمد سے کام رہتا ہے
(از گلدستۂ درودو سلام، ص۵۵۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير، سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻہ مدني گُل: (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ رمضان المبارڪ جي ستاويهين رات آهي. اڪثر عالمن جي نزديڪ شبِ قدر ستاويهين رمضان جي رات هوندي آهي. شبِ قدر هزار (1000) مهينن (يعني 83 سال 4 مهينن) کان وڌيڪ افضل آهي . شبِ قدر ۾ تمام ملائڪن جا سردار حضرت سَيِدُنا جِبرِيل عَلَيْهِ السَّلَام ۽ ملائڪ نازِل ٿي عِبادت ڪرڻ وارن سان مُصافحو ڪندا (يعني هٿ ملائيندا) آهن. شبِ قدر جو هر هر لمحو صُبحِ صادِق(پرهہ ڦٽيءَ) تائين امن ۽ سلامتي وارو آهي. شبِ قدر ٻلائين واري رات آهي، شبِ قدر رحمتن ڀري رات آهي، شبِ قدر دُعائن جي قبوليت جي رات آهي. شبِ قدر الله پاڪ جون رحمتون

ماٺڻ واري رات آهي. جيڪڏهن اسان **شَبِ قَدر** ۾ عِبادت ڪريون تہ الله پاڪ جي رحمت سان هڪ هزار مهيني ڪان بہ وڌيڪ جي عِبادت جو ثواب ملندو. جڏهن تہ حديثِ پاڪ ۾ پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايائون: جنهن شب ِقدر ۾ ايمان ۽ ثواب جي نيت سان قيام ڪيو، ان جا اڳوڻا گناھ بخشيا ويندا. ( بخاري ،ڪتاب فضل ليلة القدر، باب فضل ليلة القدر، ۶۶۰/۱، حديث: ۲۰۱۴)

خبر پئي تہ **اڄوڪي رات اها عظيم رات آهي جو** جنهن ۾ وڏا وڏا گناهگار بخشيا ويندا آهن، **اڄوڪي رات اها عظيم رات آهي** جو جنهن ۾ وڏا وڏا گناهگار رحمتِ ربِّ غفار جا حقدار ٿيندا آهن، **اڄوڪي رات اها عظيم رات آهي** جو جنهن ۾ وڏا وڏا گناهگار ۽ بدڪار جهنم ڪان آزادي جا پروانا حاصل ڪندا آهن، اسان کي بہ گهرجي تہ **اڄوڪي رات** عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريون، **اڄوڪي رات** ربّ ڪان ان جي رحمت جو سوال ڪريون، **اڄوڪي رات** جهنم ڪان آزادي گهرڻ جي رات آهي.

هونئن بہ رمضان جو آخري عشرو **جهنم ڪان آزادي** جو عشرو آهي، انهيء مناسبت سان اڄ اسان جهنم جي عذابن ۽ ان جي سزائن بابت ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. الله پاڪ پنهنجي رحمت سان اسان کي جهنّم ڪان آزاد فرمائي. اٰمين

سڀ ڪان پهريان اسان جهنم جو تعارف ٻڌنداسين، ان ڪان پوءِ بزرگن جي خوفِ آخرت ۽ خوفِ جهنم جا ڪجھ واقعا ٻڌنداسين. جڏهن تہ آخر ۾ مختلف گناهن تي جهنم ۾ ٿيندڙ عذابن جي باري ۾ ٻڌندسين. اي ڪاش دلجمعي سان ابتداء ڪان آخر تائين بيان ٻڌڻ جي سعادت ملي وڃي.

اچو! سڀ ڪان پهريان جهنم ڪان آزادي جي عشري جي دعا بہ گهري وٺون تا: اَللّٰهُمَّ اَجِرۡنِیۡ مِنَ النَّار اي الله مون کي (جهنّم جي) باھ ڪان نجات عطا فرماءِ.

الٰہی جَہنَّم سے آزاد کر دے          میں فردوس میں داخلہ مانگتا ہوں

اچو! جهنم بابت هڪ عبرت آموز حڪايت پڙهون ٿا:

جيئن دعوتِ اسلامي جي اِداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب”جهنّم ميں لے جانے والے اعمال“ ۾ آهي تہ هڪ ڀيري اَمِيرُالمُؤمِنِين حضرتِ سيدُنا عُمر بِن خَطّاب رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْہُ حَضرتِ سَيدُنا ڪعبُ الاَحبار رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي اِرشاد فَرمايائون: اي ڪعب! اسان کي ڊپ واريون ڪجھ ڳالهيون ٻڌايو. تہ حَضرتِ سَيدُنا ڪعب رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ عرض ڪيو: اي اميرُ المؤمنين! جيڪڏهن اوهان قِيامَت جي ڏينهن سَتّر(70) انبياءِ ڪرام عَلَیھِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جا عمل کڻي بہ اچو تڏهن بہ قِيامت جا اَحوال ڏسي اُنهن کي حَقير سمجهڻ لڳندؤ. ان تي اميرُالمُؤمِنِين رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْہُ ڪجھ دير جي لاءِ مٿو جُهڪائي ڇڏيو پوءِ جڏهن هوش سنڀاليو تہ اِرشاد فرمايائون: اي ڪعب! وڌيڪ ٻڌايو. تہ انهن عرض ڪيو: اي اميرُالمؤمنين! جيڪڏهن جَهنَّم مان ڍڳيءَ جي نڪ جيترو حِصو اوڀر ۾ کوليو وڃي تہ اولهہ ۾ مَوجُود شَخص جو دِماغ ان جي گرمي جي ڪري ٽهڪي وهي وڃي. هن تي اميرُالمؤمنين رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْہُ ڪجھ دير جي لاءِ مٿو جُهڪائي ورتو پوءِ جڏهن هوش ۾ آيا تہ اِرشاد فرمايائون: اي ڪعب! اڃان وڌيڪ ٻڌايو. تہ انهن وري عرض ڪيو: اي اميرُالمؤمنين (رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْہُ)! قِيامَت جي ڏينهن جَهنَّم اهڙي طرح ڀڙڪندو جو ڪو مُقرَّب ملائڪ يا نبي ۽ رسول اهڙو نہ هوندو جيڪو گوڏن ڀر ڪِري هيئن نہ چوي: رَبِّ! نَفسِي! نَفسِي! (يعني اي منهنجا رَبّ! اڄ مان تو کان پنهنجي بخشش کان عِلاوه ڪجھ نٿو گهران).

حَضرتِ سَيدُنا ڪعبُ الاحبار رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْہُ وڌيڪ ٻڌايو: جڏهن قِيامت جو ڏينهن ايندو تہ اللّٰه پاڪ اڳ وارن ۽ بعد وارن کي هڪ وسيع دَڙي تي گڏ ڪندو، پوءِ ملائڪ نازِل ٿي صَفون ٺاهيندا. ان کان پوءِ اللّٰه پاڪ اِرشاد فرمائيندو: اي جبرائيل! جَهنَّم کي وٺي اچو. تہ حَضرتِ جبرائيل عَلَیْہِ السَّلَام جَهنَّم کي اهڙي طرح وٺي ايندا جو ان جي سَتَّر هزار(70000) لگامن کي ڇڪيو پيو

ويندو، پوءِ جڏهن جَهنَّم مَخلوق کان سؤ (100) سالن جي مفاصلي تي پهچندي تہ ان ۾ ايترو شَديد پڙڪو پيدا ٿيندو جنهن سان مَخلوق جا دل ڏکي ويندا، پوءِ جڏهن بيهر پڙڪو پيدا ٿيندو تہ هر مُقرَّب فِرِشتو ۽ نبي ۽ رسول گوڏن ڀر ڪِري پوندا، پوءِ جڏهن ٽيون ڀيرو پڙڪندو تہ ماڻهن جا دل سينن مان نڪري ڪِڇي تائين پهچي ويندا ۽ عقل گهبرائجي ويندا، ايستائين جو حَضرتِ سَيدُنا ابراهيم علي نَبِيِّنَاوَعَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام عَرْض ڪندا: مان تنهنجي خَليل هئڻ جي صَدقي صِرف پنهنجي لاءِ سُوال ڪيان ٿو. حَضْرتِ سَيدُنا موسيٰ علي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام عَرض ڪندا: يا الٰهي! مان پنهنجي مُناجات جي صَدقي صِرف پنهنجي لاءِ سُوال ڪيان ٿو. حَضرتِ سَيدُنا عيسيٰ علي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام عَرض ڪندا: ياالٰهي! تو مون کي جيڪا عِزت ڏني آهي، ان جي صَدقي ۾ صرف پنهنجي لاءِ سُوال ڪيان ٿو، ان مريم(رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا) جي لاءِ سُوال نٿو ڪيان جنهن مون کي ڄڻيو آهي. (جهنم ميں لے جانے والے اعمال،ص٩٨،٩٧)

گناہگار ہوں میں لائقِ جہنم ہوں
کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یاربّ!

بُرائیوں پہ پشیماں ہوں رحم فرما دے
ہے تیرے قہر پہ حاوی تِری عَطا یاربّ!

گُناہ بے عدد اور جُرم بھی ہیں لاتعداد
مُعاف کر دے نہ سہ پاؤں گا سَزا یاربّ!

میں کر کے توبہ پلٹ کر گُناہ کرتا ہوں
حقیقی توبہ کا کردے شَرَف عَطا یاربّ!

نہیں ہے نامۂ عطّار میں کوئی نیکی
فقط ہے تیری ہی رَحمت کا آسرا یاربّ!

(وسائلِ بخشش مرمّم، ص٧٨)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قيامت جو هولناڪ منظر

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! قيامت جي ڏينهن جڏهن جَهنَّم کي آندو ويندو تہ ڪيڏو جان وڻندڙ مَنظَر هوندو؟ ٿورو تَصوُّر تہ ڪريو! هن وقت

سچ تقريباً چار هزار (4000) سالن جي راهه تي آهي ۽ اسان جي طرف ان جي پُٺ آهي، قِيامت جي ڏينهن سج صِرف سَوا مِيل تي هوندو ۽ ان جو مُنهن اسان ڏانهن هوندو، دماغ ٽهڪندا هوندا ۽ ايتري ڪثرت سان پگهر وهندو جو سَتّر (70) گز زمين ۾ جَذب ٿي ويندو، پوءِ جيڪو پگهر زمين نہ پِيءُ سگهندي اهو مٿي چڙهندو، اهو پگهر ڪنهن جي پيڏين تائين هوندو، تہ ڪنهن جي گوڏن تائين وڃي پهچندو، ڪو چيلهہ تائين ان ۾ غرق هوندو تہ ڪو سيني تائين ان ۾ مبتلا هوندو، ڪنهن جي ڳلي تائين پهتل هوندو ۽ ڪافِر جي تہ ڇهري تائين لگام جيان وڪوڙجي ويندو، جنهن ۾ اهو غوطا ڪائيندو. ان گرمي جي حالت ۾ اُڃ جي ڪهڙي ڪيفيت هوندي؟ حال اهو هوندو جو زبانون سُڪي ڪنڊا ٿي وينديون، ڪجهہ جون تہ زبانون منهن مان ٻاهر نڪري اينديون، دِل ٽهڪي ڳلي تائين ايندا، ماڻهو پنهنجي پنهنجي گناهن جي مطابق تڪليف ۾ مبتلا هوندا. ڪو ڪنهن جو حال پڇڻ وارو نہ هوندو. وڏا مضبوط ۽ گهاٽا رشتا ان ڏينهن پنهنجي حيثيت ڪي وڃائي ويهندا، مائٽي ۽ يائپي ڪنهن ڪم نہ ايندي، ايستائين جو سڳا رشتيدار جيڪي دنيا ۾ هڪ ٻئي ڪي ڏسي جيئندا هئا، ان ڏينهن هڪ ٻئي کان جان ڇڏيندا، ياءُ ياءُ ڪان ڀڄندو، ڀيڻ ڀيڻ کان ڀڄندي، ماءُ اولاد کان پيڇو ڇڏائيندي تہ اولاد ماءُ کان پري ڀڄندي، پيءُ پٽن کان بيزار هوندو تہ پٽ پيءُ کان، زال مڙس کان بيزار هوندي تہ مڙس زال کان بيزار هوندو، مطلب تہ! ڪو ڪنهن جي مدد لاءِ تيار نہ هوندو، هر جان نفسي نفسي چوندو، هر شخص پنهنجي باري ۾ سوچيندو، هر هڪ پنهنجي فڪر ڪندو، اِلَّا مَاشَآءَ الله.

اهي مصيبتون هلي رهيون هونديون جو جَهنَّم ڪي آندو ويندو، ان جي پڙڪڻ سان مَخلُوق جون دِليون ڪنبڻ لڳنديون، مُقرَّب ملائڪ ۽ انبياء عَلَيهِمُ الصَّلٰوة وَالسَّلَام تائين ان کان پَناهه گهرندا ۽ هر هڪ عافيت جو سُوال ڪندو. نفسي نفسي جو ڏيک هوندو. اي ڪاش! جو اسان ڪي بہ ان ڏينهن جهنم کان آزادي جو پروانو ملي وڃي، اي ڪاش! جو اسان ڪي بہ جهنم جي عذابن کان رهائي ملي وڃي،

اي ڪاش! جو اسان بہ پُل صراط جي دهشتن کان ڇوٽڪارو ماڻي وٺون. اي ڪاش! جو اسان بہ حساب ۽ ڪتاب کان بچڻ وارا بڻجي وڃون.

الٰہی! جَہَنَّم سے آزاد کر دے میں فِردَوس میں داخِلہ مانگتا ہوں

## جهنم جي خوف سبب روئڻ وارو حبشي نوجوان

حضرتِ سَيدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ مُصطفٰي جانِ رحمت، شمعِ بزمِ هدايت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ ڀيري هي آيتِ مبارڪ تلاوت فرمائي.

وَقُوْدُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ
(پ١، البقرة:٢٤)

**ترجمو ڪنز الايمان:** جنهن جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر آهن

پوءِ فرمايائون: جهنم جي باهہ هڪ هزار(1000) سالن تائين ٻاري وئي تہ اها ڳاڙهي ٿي وئي، پوءِ هڪ هزار (1000) سال تائين ڀڙڪائي وئي تہ سفيد ٿي وئي، پوءِ هزار(1000) سالن ڀڙڪائي وئي تہ ڪاري ٿي وئي، ۽ هاڻي اها ڪاري ۽ تاريڪ آهي.

ايترو ٻڌڻو هو تہ هڪ حبشي جيڪو اتي موجود هو، زارو قطار روئڻ لڳو، ايتري ۾ حضرت سَيدُنا جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلام حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائون: اي محمد! (صَلَّی اللّٰہ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ) هي اوهان جي سامهون ڪير روئي رهيو آهي؟ نبي ڪريم، رؤف رّحيم صَلَّی اللّٰہ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايائون: حبشہ جو رهڻ وارو هڪ شخص آهي. آقا ڪريم، رسولِ عظيم صَلَّی اللّٰہ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان جي روئڻ کي پسند بہ فرمايو.

حضرتِ سَيدُنا جبرئيلِ امين عَلَيْهِ السَّلام عرض ڪيو: الله پاڪ فرمائي ٿو: مون کي پنهنجي عزت ۽ جلال جي قسم! منهنجو جيڪو ٻانهو دنيا ۾ منهنجي خوف سبب روئيندو مان ان کي جنت ۾ وڏيڪ کلائيندس. (شعب الايمان، باب في الخوف من الله تعالي،١/٤٨٩، حديث:٧٩٩)

اچو! گڏجي جهنم کان آزادي ۽ شبِ قدر جي دعا ڪريون ٿا: اَللّٰهُمَّ اَجِرْنِیْ مِنَ النَّار
اي الله مون کي (جهنّم جي) باهہ کان نجات عطا فرما

اَللّٰهُمَّ اِنَّكَ عَفُوٌّ تُحِبُّ الْعَفْوَ فَاعْفُ عَنَّا اي الله! بيشڪ تُون معاف ڪرڻ وارو آهين، معاف ڪرڻ کي پسند ڪندو آهين، اسان کي معاف فرمائي ڇڏ.

ہائے! حُسنِ عمل نہیں پلّے حَشْر میں میرا ہوگا کیا یاربّ!
گرمیِ حَشْر، پیاس کی شدّت جامِ کوثر مجھے پِلا یاربّ!
خَوف دوزخ کا آہ! رحمت ہو خاکِ طیبہ کا واسِطہ یاربّ!
میرا نازک بدن جہنم سے از طُفیلِ رضا بچا یاربّ!
طالبِ مَغْفِرت ہوں یااللہ بَخْش حیدر کا واسِطہ یاربّ!
کر دے جنّت میں تُو جوار اُن کا اپنے عطّار کو عطا یارب!

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۸۱،۸۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جهنم جو تعارف

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جهنم جو تعارف ڪرائيندي فرمائن ٿا: جهنم هڪ گهر آهي، جيڪو ان قهار ۽ جَبَّار جي جلال جو مظهر آهي. جهڙي طرح الله پاڪ جي رحمت ۽ نعمت جي ڪا انتها نہ آهي، اهڙي طرح ان جي غضب ۽ قهر جي بہ ڪا حد نہ آهي. هر اها تڪليف ۽ اذيت جيڪا سوچي وڃي، سمجهي وڃي اها هڪ ادنيٰ حصو آهي ربّ جي بي انتها عذاب جو. (بهارِ شريعت، حصه اول، ۱۶۳/۱ ملتقطاًو ملخصاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي ڊيڄارڻ جي لاءِ الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ ڪيئي هنڌن تي جهنمين کي ڏنو ويندڙ عذابن جو ذڪر فرمايو آهي. جيئن سيپاري 15 سُورَةُ الڪهف، آيت نمبر29 ۾ ارشاد آهي:

اِنَّاۤ اَعْتَدْنَا لِلظّٰلِمِیْنَ نَارًاۙ اَحَاطَ بِهِمْ

ترجَمو ڪنزُالعرفان: بيشڪ اسان ظالمن جي واسطي اها باھ تيار ڪري رکي آهي جنهن جون پتيون انهن کي گهيري وٺنديون ۽ جيڪڏهن پاڻي

سُرَادِقُهَا ؕ وَ اِنۡ یَّسۡتَغِیۡثُوۡا یُغَاثُوۡا بِمَآءٍ کَالۡمُہۡلِ یَشۡوِی الۡوُجُوۡہَ ؕ بِئۡسَ الشَّرَابُ ؕ وَ سَآءَتۡ مُرۡتَفَقًا ﴿۲۹﴾

(پ۱۵، الکھف:۲۹)

جي لاءِ فرياد ڪندا ته انهن جي فرياد رسي ٿيندي انهيءَ پاڻي سان جيڪو ٽهڪندڙ تيل وانگر هوندو جيڪو منهن کي پچي ڇڏيندو ڪهڙو نه برو آهي (پاڻي) پيئڻ (جو) (دوزخ) ڪهڙي نه بري جاءِ آهي رهڻ جي.

تفسير صراط الجنان ۾ هن آيت سڳوري تحت آهي: (اهو پاڻي جيڪو دوزخين کي پياريو ويندو) اهو زيتون جي تيل جي ڳُرڙ جيان ڳاڙهو پاڻي آهي ۽ ترمذي جي حديث ۾ آهي ته جڏهن اهو وات جي ويجهو ڪيو ويندو ته وات جي کل سڙي ڪِري پوندي.

هن آيت جي تفسير ۾ اهو به آهي ته اها آيتِ مبارڪ هر ان مسلمان جي لاءِ به وڏي نصيحت آهي جيڪو ظلم ۽ گناهہ ڪرڻ ۾ مصروف آهي، ان کي پنهنجي گناهن تي ندامت ۽ شرمندگي جو اظهار ڪندي توبهہ ۽ استغفار ڪرڻ ۽ نيڪ عملن ۾ مصروف ٿيڻ گهرجي. نہ تہ ياد رکو جو مرڻ کان پوءِ جو سفر انتهائي طويل آهي، جهنم جي گرمي وڏي سخت آهي، جهنم وارن جو پاڻي پگهريل ٽامي جيان ۽ جهنمين جي پوشاڪ... آهي ۽ جهنم جي قيد نهايت سخت آهي. (صراط الجنان، ۵/۵۶۲،۵۶۱)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! يقيناً جهنم جهڙي هولناڪ جڳهہ ٻي ڪا بہ نہ آهي. حضرت سيدُنا ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا تہ اسان مني مني آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ اقدس ۾ حاضر هئاسين تہ اسان هڪ گڙگڙاهٽ جو آواز ٻُڌو تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڇا ڪيائون، ڇا توهان کي خبر آهي اهو ڇا هو؟ اسان عرض ڪيو: ”اللّٰہ پاڪ ۽ ان جو رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بهتر ڄاڻي ٿو.“ رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”اهو پٿر آهي جنهن کي الله پاڪ جهنم ۾ 70 سال پهريان اڇليو هو، پر ان جهنم جي اونهائي تائين هينئر پهتو آهي. (مسلم،کتاب الجنة، باب جهنم اعاذنا الله منها، الحديث:۷۱۶۷، ص۱۱۷۲، بتغيرٍ قليلٍ)

الٰہی! جہنّم سے آزاد کر دے
میں فِردَوس میں داخِلہ مانگتا ہوں

اچو! گڏجي جهنم کان آزادي ۽ شبِ قدر جي دعا ڪريون ٿا: اَللّٰھُمَّ اَجِرْنِیْ مِنَ النَّار اي الله مون کي (جهنّم جي) باھ کان نجات عطا فرماءِ.

اَللّٰھُمَّ اِنَّكَ عَفُوٌّ تُحِبُّ الْعَفْوَ فَاعْفُ عَنَّا اي الله! بيشڪ تُون معاف ڪرڻ وارو آهين، معاف ڪرڻ کي پسند ڪندو آهين، پوءِ اسان کي معاف فرمائي ڇڏ.

## جهنمين کي ڏنا ويندڙ عذاب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! احياءُ لعلوم ۾ امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جهنمين کي ڏنا ويندڙ عذابن جو نقشو ڪڍيو آهي، اچو عبرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ان کي ملاحظ ڪريو! جيئن مڪتبة المدينہ جي ڪتاب احياء العلوم جلد 5 صفحي 721 تي آهي:

(ملائڪ جهنمين کي جهنم ۾ ڪيرائي) اهڙي گهر ۾ قيد ڪندا جو جنهن جا ڪنارا تنگ هوندا ۽ رستا اونداهي وارا هوندا ۽ ان (گهر) ۾ هلاڪت جا سبب لڪيل هوندا، اهي قيدي هميشہ ان ۾ قيد رهندا، ان ۾ باھ ڀڙڪائي ويندي، ان (قيدين) کي پيئڻ لاءِ ٽهڪندڙ پاڻي (ڏنو ويندو) ۽ رهڻ جي لاءِ جهنم هوندو، عذاب جا ملائڪ انهن (قيدين) کي گُرزن سان ماريندا ۽ باھ انهن (قيدين) کي گڏ ڪندي، اتي انهن (قيدين) جا خيالات ختم ٿي ويندا ۽ انهن (قيدين) کي جهنم مان آزادي نہ ملندي، انهن (جهنمين) جا پير پيشاني جي وارن سان ٻَڌا ويندا ۽ گناهن جي ڪاراڻ سان انهن (جهنمين) جا چهرا ڪارا ٿي ويندا، اهي (جهنمي) دوزخ جي ڪنارن وٽان پڪاريندا ۽ ان ۾ هيڏانهن هوڏانهن ائين دانهو ڪندا: اي مالڪ (جهنم تي مقرر نگران فرشتي جو نالو)! اسان تي عذاب جو واعدو سچو ٿي چڪو، اي مالڪ! لوهي ڪڙيون اسان تي گهٽيون وزني آهن، اي مالڪ! اسان جو کلون پَچي چڪيون آهن، اي مالڪ! هاڻي اسان کي

هن مان ڪڍ اسان ٻيهر بُرا عمل نہ ڪنداسين. دوزخ جا ملائڪ جواب ڏيندا: هاءِ افسوس! امان جو وقت نڪري چڪو، هاڻي توهان جي لاءِ هن (جهنم ) مان نڪرڻ جي ڪا راھ ناهي! پيل رهو انهيءَ ۾ ڌڪاريلؤ ۽ ڳالهايو نہ، جيڪڏهن توهان ڪي هڪ ڀيرو ان مان ڪڍيو بہ وڃي تہ توهان ٻيهر اهو ئي ڪندؤ جنهن سان توهان ڪي منع ڪيو ويندو هو.

(اهو ٻڌي) تڏهن اهي نا اميد ٿي ويندا ۽ الله پاڪ جي مقابلي ۾ حد ڪان وڌڻ تي افسوس ڪندا، پر هاڻي انهن ڪي شرمساري نجات نہ ڏياري سگهندي ۽ نہ ئي افسوس فائدو ڏئي سگهندو بلڪ انهن (جهنمين) ڪي طوق (لوهي هار) پارائي منهن ڀر جهنم ۾ وڌو ويندو، انهن (جهنمين) جي مٿان (بہ باھ هوندي ۽ انهن جهنمين) هيٺيان (بہ باھ هوندي، انهن جهنمين جي)، ساڄي (پاسي بہ باھ هوندي، انهن جي) کاٻي (پاسي بہ باھ هوندي) (مطلب تہ!) هر پاسي باھ ئي باھ هوندي، اهي باھ جي اندر غرق هوندا، ايستائين جو انهن جو کاڌو (باھ هوندو انهن جو) پيئڻ (باھ هوندو، انهن جو) پائڻ (بہ باھ هوندو ۽ انهن جو) بستر (بہ) باھ ئي هوندو، اهي دوزخ جي باھ جي شعلن جي وچ ۾ هوندا، جهنمين ڪي تارڪول (ڏامر) جو لباس پارايو ويندو، جهنمين ڪي گُرز ماريا ويندا، جهنمين ڪي وزني ٻيڙيون پارايون ويندي‌ون، جهنمي جهنم جي تنگ وادين ۾ دانهون ڪندا ۽ جهنمين تي ديڳڙي جيان جوش هڻندڙ باھ وڌي ويندي اهي دانهون ڪندي ۽ آھ وزاري ڪندي رڙيون ڪندا وتندا، جهنمي جڏهن بہ موت ڪي سڏيندا انهن جي مٿن تي ٿهڪندڙ پاڻي وڌو ويندو جيڪو انهن جي ڪل ۽ پيٽن جي اندر جيڪو ڪجھ آهي سڀ پگهاري ڇڏيندو، جهنمين جي لاءِ لوھ جا گُرز هوندا جيڪي اُنهن جي پيشانين ڪي پور پور ڪري ڇڏيندا آهن ۽ انهن جي وات مان خون مليل پونءِ نڪرندي، اُڃ جي شدت سبب انهن جا جگر ڦاٽي پوندا، انهن جي اکين جا تارا ڳلن تي وهي ويندا ۽ ڳلن جو گوشت ڇڻي ويندو، انهن جي عضون تان وار بلڪ کل بہ ڪِري پوندي ۽ جڏهن جڏهن انهن جون کلون پچي ويندي‌ون تہ ٻين کلن سان بدليون ويندي‌ون. آخرڪار انهن جون

هڏيون گوشت کان خالي رهجي وينديون پوءِ انهن جا روح انهن جي رڳن ۽ نسن ۾ اٽڪيل هوندا ۽ انهن جون رڳون جهنم جي ساڙيندڙ باهه جي تپش سان سُڪي وينديون ڳڏوڳڏ ئي اهي موت جي تمنا به ڪندا پر انهن کي موت نه ايندو. (احياء العلوم،۵/۷۲۲،۷۲۱بتغير قليل)

الٰہی! جَہَنَّم سے آزاد کر دے
میں فِردَوس میں داخِلہ مانگتا ہوں

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! ڪيترا عبرت ناڪ منظر هوندا، اڄ جيڪڏهن ڪو حادثي ۾ زخمي ٿي وڃي، ان جي جسم جون هڏيون ٽٽي پون، کل ڦاٽي پوي، زخمن مان رت وهڻ لڳي، ته اهو دانهون ۽ رڙيون ڪرڻ لڳندو آهي، دنيا ۾ پيش ايندڙ اهڙا منظر ڏنا ناهن ويندا، سوچيو ته ڪنهن سان اهو سڀ ٿي رهيو هوندو، ان تي ڇا گذري رهيو هوندو. اها ته دنيا جي ڳالهه آهي جهنم جي عذابن جو ته هن دنيا جي وڏي کان وڏي تڪليف کان به ڪو مقابلو نه آهي. الله پاڪ اسان کي دنيا ۾ به ۽ سڀاڻي آخرت ۾ به هر طرح جي تڪليفن ۽ عذابن کان نجات عطا فرمائي.

اچو! گڏجي جهنم کان آزادي ۽ شبِ قدر جي دعا ڪريون ٿا: اَللّٰهُمَّ اَجِرْنِيْ مِنَ النَّار اي الله مون کي (جهنّم جي) باهه کان نجات عطا فرماءِ

اَللّٰهُمَّ اِنَّكَ عَفُوٌّ تُحِبُّ الْعَفْوَ فَاعْفُ عَنَّا اي الله! بيشڪ تُون معاف ڪرڻ وارو آهين، معاف ڪرڻ کي پسند ڪندو آهين، پوءِ اسان کي معاف فرمائي ڇڏ.

اسان جي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي سيکارڻ جي لاءِ ڪثرَت سان جَهنَّم جي عَذاب کان پَناهه گهرندا هئا.

(مسلم، كتاب المساجد، باب ما يستعاذ منه في الصلاة، ص۲۳۴، حديث: ۱۳۳ ، بهارِ شريعت،۱/۱۶۳)

## حديث سڳورين ۾ بيان ٿيل عذاب

مختلف احاديثِ ڪريمہ ۾ بہ جهنم جي عذابن جي هولناڪين ڪي بيان ڪيو ويو آهي، اچو! عبرت حاصل ڪرڻ ۽ پاڻ کي خوابِ غفلت کان بيدار ڪرڻ جي ارادي سان ڪجھ جهلڪيون پڙون ٿا:

منقول آهي تہ حضرت سَيِّدُنا جبرئيلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام مڪي مديني جي تاجدار، محبوبِ پَروَردگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي قَسَم کڻي عَرض ڪيو: جيڪڏهن جَهنَّم کي سُوئي جي سوراخ بَرابَر کوليو وڃي تہ تمام زمين وارا سڀ جا سڀ ان جي گرمي (Heat) سبب مري وڃن ۽ قسم کڻي چيائين: جيڪڏهن جهنمين جي زَنجير جي هڪ ڪڙي دُنيا جي جبلن تي رکي وڃي تہ (اهي) ڏڪڻ لڳن ۽ اُنهن کي قَرار نہ ملي، ايستائين جو هيٺين زَمين تائين دبجي وڃن. ( مجمع الزوائد، ڪتاب صفة النار، ۱۰/۷۰۶، ۷۰۷ حديث:۱۸۵۷۳، ملتقطاً)

هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي: توهان جي اها (دنياوي) باهہ جهنم جي باهہ جي ستّر(70)حصن مان هڪ حصو آهي. (ابن ماجة،ڪتاب الزهد،باب صفة النار، ص۵۲۸،حديث۱۸ ۴۳)

هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ جيڪڏهن جهنم جي هٿوڙن مان ڪو هٿوڙو زمين تي رکيو وڃي تہ تمام جِنّ ۽ اِنسان گڏ ٿي بہ ان کي زمين تان نٿا کڻي سگهن. (مسنداحمد،مسند ابي سعيد خدري، ۴/۵۸،حديث:۱۱۲۳۳)

منقول آهي تہ جيڪڏهن جَهنَّم جي ٿُوهڙ (هڪ ڪنڊيدار زهريلي وڻ) جو هڪ قطرو دُنيا ۾ اچي وڃي تہ ان جي بدبُو سان تمام دنيا وارن جي مَعيشَت بَرباد ٿي وڃي. (ترمذي، ڪتاب صفة جهنم،باب ماجاء في صفة شراب اهل النار،۴/۲۶۳،حديث: ۲۵۹۴ملقتطاً)

(جهنم ۾ جڏهن جهنمي) پاڻي گهرندا تہ انهن کي اهڙو ٽهڪندڙ پاڻي ڏنو ويندو جو وات جي ويجهو ايندي ئي وات جي کل ڳري ڪِري پوندي ۽ پيٽ ۾ ويندي ئي آنڊن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندو. (ترمذي، ڪتاب صفة جهنم، باب ماجاء في صفة طعام اهل النار،۴/۲۶۴،حديث:۲۵۹۵)

جهنمين كي اُجَ ايتري گهٽي هوندي جو ان پاٽي تي ائين كرندا جيئن گهٽا اجايل اُٺ . (البدورالسافرة،باب طعام اهل النار وشرابهم، ص۴۲۸،حديث:۱۴۴۶،)

جنهن كي سڀ کان گهٽ دَرَجي جو عَذاب تيندو، ان كي باه جون جُوتِيون پارايون وينديون، جنهن سان ان جو دماغ ائين ٽهكندو جيئن ٽامي جي ديڳڙي ٽهكندي آهي، اهو سمجهندو تہ سڀ کان وڌيڪ عَذاب ان تي ٿي رهيو آهي، حالانڪ ان تي سَڀ کان هلڪو عذاب هوندو- (مسلم، كتاب الإيمان، باب أهون أهل النار عذاباً، ص۱۱۱، حديث:۵۱۷ ، بهارِ شريعت،۱/۱۶۴)

الٰہی! جَہَنَّم سے آزاد کر دے

میں فِردَوس میں داخِلہ مانگتا ہوں

اچو! گڏجي جهنم کان آزادي ۽ شبِ قدر جي دعا كريون ٿا: اَللّٰهُمَّ اَجِرْنِیْ مِنَ النَّار اي الله مون كي (جهنّم جي) باه كان نجات عطا فرماءِ

اَللّٰهُمَّ اِنَّكَ عَفُوٌّ تُحِبُّ الْعَفْوَ فَاعْفُ عَنَّا اي الله! بيشڪ تُون معاف كرڻ وارو آهين، معاف كرڻ كي پسند كندو آهين، پوءِ اسان كي معاف فرمائي ڇڏ.

اچو! گڏجي بارگاه رِسالت ۾ فرياد كريون ٿا، جيكو گنهگارن كي بخشرائڻ وارو آهي، دوزخ كان ڇڏائڻ وارو آهي، جنّت ڏيارڻ وارو آهي...آقا! يارَسُولَ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم....

میں مجرم ہوں جہنَّم میں اگر پھینکا گیا مجھ کو — ہَلاکت ہوگی ہائے ! کیا کروں گا یارسول الله
لپک کر آگ کے شُعلے لپٹتے ہوں گے بربادی — کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسول الله
اندھیری آگ ہوگی روشنی بالکل نہیں ہوگی — کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسول الله
وہاں کانوں میں، آنکھوں میں، دِہَن میں، پیٹ میں بھی آگ! — کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسول الله
پہاڑ آگوں کے ہوں گے وادِیاں بھی آگ کی ہوں گی — کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسول الله

فِرِشتے ڈانٹتے ہوں گے ہَتھوڑے مارتے ہوں گے　　کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ الله
وہاں سانپ اور بچّھو بھی مسلسل ڈَس رہے ہوں گے　　کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ الله
غِذا دوزخ کی تُھوہر اور اُوپر کَھولتا پانی　　کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ الله
نہ مانگے موت آئے گی نہ بیہوشی ہی چھائیگی　　کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ الله
جو تم چاہو گے تو ہوں گی مِری سب مُشکِلیں آساں　　وَگرنہ نار میں،میں جا پڑوں گا یارسولَ الله
تمہارا ہوں غُلام اور ہے غلامی پر مجھے تو ناز　　کرم سے ساتھ جنّت میں چلوں گا یارسولَ الله

(وسائل ِبخشش مرمم،ص۳۲٤)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! اڄ دُنيا جي باھ سَهڻ جي ڪنهن ۾ طاقت ناهي تہ جَهنَّم جي باھ ڪيئن برداشت ٿي سگهندي؟ تنهنڪري ڀلائي انهيءَ ۾ آهي تہ جَهنَّم جي هولناڪين، پُل صِراط جي مُصيبَتن ۽ آخِرت ۾ پيش ايندڙ هوش اُڏائيندڙ حالتن کي سامهون رکندي انهن کان بچڻ جي ڪوشش ڪريو. حَضرتِ سَيدُنا امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه اِرشادفرمائن ٿا: جيڪو دُنيا ۾ رهي قِيامَت جي باري ۾ گهڻو غور ۽ فِڪر ڪندو، اهو انهن هولناڪين کان گهڻو مَحفوظ رهندو. بيشڪ الله پاڪ ٻانهي تي ٻہ خوف گڏ ناهي ڪندو، تنهنڪري جيڪو دُنيا ۾ انهن هولناڪين جو خوف رکندو اهو آخرت ۾ انهن کان مَحفُوظ رهندو ۽ خوف مان مُراد عَورتن جيان روئڻ پِٽڻ ناهي جو اکيون لڙڪ وهائن ۽ ٻڌڻ وقت دِل نَرم ٿي وڃي پوءِ توهان ان کي وساري پنهنجي راند روند ۾ مشغول ٿي وڃو. ان حالَت جو خوف سان ڪو تَعلُّق ناهي، بلڪ جيڪو شَخص جنهن شيءِ جو خوف رکندو آهي ان کان ڀڄندو آهي ۽ جنهن شيءِ جي اُميد رکندو آهي ان جي طَلَب ڪندو آهي. تنهنڪري توهان کي اهو ئي خوف نَجات ڏياريندو جيڪو الله پاڪ جي نافرماني کان روڪي ۽ ان جي عِبادت ۽ فرمانبرداري تي اُڀاري. (احياء العلوم،۲۸۶/۵۔۲۸۷)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ٻُڌو اوهان! دُنيا ۾ رهي آخرت جو خوف رکڻ سياڻي قيامت جي ڏينهن جي بهتري جو سبب بڻجندو. لهٰذا دنيا ۾ ئي خوفِ جهنم پيدا ڪريو! اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ آخرت ۾ عذابِ جهنم کان بچڻ نصيب ٿيندو.

جيڪڏهن اسان بزرگانِ دين جي معمولات کي ڏسندا ته اسان کي اندازو ٿيندو ته اهي پاڪيزه صفت ماڻهو نمازون پڙهندا، خوب خوب عبادتون ڪندا، روزا رکندا، فرض ۽ واجبات کي پورو ڪندا هئا، ۽ گناهن جي ويجهو به نه ويندا هئا پر تنهن هوندي به انهن جو حال اهو هو جو خوفِ جهنم سبب ڏڪندا رهندا هئا ۽ ان کان هميشه پناهه گهرندا رهندا هئا، پاڻ اسان جا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ عذابِ جهنم کان پناهه گهرندا هئا. اهو ئي حال صحابهَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ۽ ٻين بزرگ سڳورن جو به هو. اچو! بزرگن جي آخرت جي خوف جون ڪجهه حڪايتون ۽ انهن مان حاصل ٿيندڙ مدني گل ٻڌون ٿا:

## فاروقِ اعظم جي گِريه وزاري:

اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيِدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه جو شمارعشره مُبَشره (عشره مبشره يعني اهي 10 خوش نصيب صحابهء ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جن کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنّت جي بشارت عطا فرمائي انهن) ۾ ٿئي ٿو، حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْه نبي رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا فيض يافته ۽ تربيت يافته آهن، ڪامل علم ۽ عمل وارا ۽ خوفِ خدا جا پيڪر هئا. وڏي رتبي تي فائز هئڻ جي باوجود جهنم جي عذابن کي ياد ڪري روئڻ ۽ آهه و زاري ڪرڻ سندن معمولات ۾ شامل هو. اچو! انهيءَ باري ۾ به (2)روايتون ٻڌون ٿا.

### (1)ساهه منجهڻ

حضرت سيدُنا حسن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته هڪ ڀيري امير المؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ هنن آيتن جي تلاوت فرمائي:

اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ ۝ مَّا لَهٗ مِنْ دَافِعٍ ۝ (پ۲۷،الطور:۷۔۸)

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ تنهنجي رب جو عذاب ضرور ٿي رهڻو آهي. ان کي ڪو بہ ٽارڻ وارو ڪونهي.

اهو پڙهي پاڻ تي اهڙي رِقّت طاري ٿي جو سندن جو ساهہ ئي منجهي ويو ۽ اها ڪيفيت ڪم وبيش 20 ڏينهن تائين طاري رهي. (فضائل القرآن لابي عبيد،باب ما يستحب ۔۔۔الخ،ص۱۳۷)

## (2)فرمانِ الٰهي جي سبب گِريہ وزاري

حضرت سيدُنا جعفر بن سليمان رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان روايت آهي تہ هڪ ڀيري اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ هڪ عيسائي راهب جي ڪليسا وٽان گذريا تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ان کي هيئن سڏيائين: ”اي راهب! اي راهب!“ ايتري ۾ راهب ٻاهر اچي ويو. حضرت فاروق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ان کي ڏسي زارو قطار روئڻ لڳا. پڇيو ويو: ”يا اَمِيرَ الْمُؤْمِنِيْنَ مَا يُبْكِيْكَ مَنْ هٰذَا؟ يعني حضور! اوهان کي ڪهڙي شيءِ روئاريو ۽ اهو ڪير آهي؟“ فرمايائون: ”ذَكَرْتُ قَوْلَ الله عَزَّوَجَلَّ فِي كِتَابِهٖ فَذَلِكَ الَّذِي اَبْكَانِي يعني قرآنِ ڪريم ۾ مون کي الله پاڪ جو اهو فرمان ياد اچي ويو آهي (جنهن ۾ جهنمين جي عذاب جو بيان آهي) انهيءَ مون کي رُئاريو آهي. (مستدرڪ حاڪم ، ڪتاب التفسير، تفسير سورة الغاشية، ۳ /۳۶۸، حديث:۳۹۸۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**اي عاشقانِ صحابہ و اهل بيت!** غور ڪريو! اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ باوجود ان جي جو قطعي جنّتي آهن، پر جهنم جي خوف سبب گِريہ و زاري ڪرڻ سندن معمولات ۾ شامل هو. اي ڪاش! انهن جي صدقي اسان کي بہ آهہ و زاري جي سعادت ملي وڃي.

## عيد رات جي مدني قافلن جي ترغيب

خوفِ خدا ماڻڻ ۽ **جهنم جي سزائن** کان پنهنجو پاڻ کي ڍيڄارڻ جو هڪ بهترين ذريعو سُني صُحبت بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن

۾ عاشقانِ رسول جي سني صحبت ملندي آهي. جيڪڏهن اسان بہ پنهنجي دل ۾ خوفِ خدا جو جذبو بيدار ڪرڻ چاهيون ٿا تہ پوءِ اسان کي گهرجي تہ دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ سفر ڪريون.

اسان جي خوش قسمتي جو رمضان اسان کي نصيب ٿيو هو، هاڻي اهو مقدس مهينو ڪجھ ڏينهن جو مهمان آهي ۽ عنقريب اسان کان رخصت ٿيڻ وارو آهي. پوءِ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ **عيد** جي آمد آمد ٿيندي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هر سال ڪثير معتڪفين ۽ ٻيا عاشقانِ رسول "**پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش**" جي مقدس جذبي سان سرشار ٿي **عيد رات** جو مدني قافلن جا مسافر ٿيندا آهن، مدني قافلن جي برڪت سان جتي مسجدون آباد ڪرڻ، گناهن جي بري عادت ڇڏڻ، سُنّتن تي عمل، والدين جي فرمانبرداري جو جذبو ماڻڻ، فلمون ڊراما ڏسڻ کان بچڻ ۽ پاڻ کي نمازي بنائڻ جهڙا فائدا ٿين ٿا، اتي انهن مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ جي برڪت سان قرآنِ ڪريم صحيح مخارج سان پڙهڻ ۽ علم دِين حاصل ڪرڻ جو موقعو بہ ملندو آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني قافلن ۾، وضو، غسل، نماز، روزي جا فرض ۽ واجب سکڻ لاءِ ملندا آهن، تنهنڪري همت ڪريو ۽ چند رات کان سفر ڪرڻ وارن خوش نصيب عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن جي لاءِ هينئر کان نيت ڪري وٺو، پنهنجي ذميدارن سان رابطو ڪريو ۽ مدني قافلي جي لاءِ پنهنجو نالو لکرايو، بلڪ ممڪن هجي تہ هٿو هٿ سفري اخراجات بہ جمع ڪرايو. الله ڪريم اسان کي چندڊ رات تي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي سعادت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِ الْاَمِین صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مدني انعام نمبر 38 جي ترغيب:

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! باطني گناهن کان بچڻ جي ترغيب ۽ جذبو ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان

وابستہ (Associate) ٿي وڃو ۽ جنهن ڪان جيترو ٿي سگهي، پنهنجي بين مصروفيتن مان ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت مدني ڪمن جي لاءِ ضرور ڪڍي، انهن مدني ڪمن ۾ شموليت جي برڪت سان اسان گناهن کان بچيل رهنداسين، آخرت جي لاءِ نيڪين جو ذخيرو گڏ ٿيندو رهندو، نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارن خوش نصيبن ۾ اسان جو شُمار ٿيندو، چڱي صحبت مُيسّر ٿيندي.مدني ماحول سان وابستہ ٿي مدني انعامات تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃو.

❖ اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مَدَني اِنعامات، عمل جو جذبو وڌائڻ ۽ گناهن کان پيڇو ڇڏائڻ جو بهترين نُسخو آهن، ❖ مَدَني اِنعامات تي عمل ڪرڻ وارن کان اَميرِ اَهلسُنّت،باني دعوتِ اسلاميدَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه گهڻا خوش ٿيندا ۽ اُنهن کي دُعائن سان نوازيندا آهن ❖ مَدَني اِنعامات تي عمل جي بَرَڪت سان خَوفِ خُدا ۽ عشقِ مُصطَفٰي جي لازوال دَولت نصيب ٿيندي آهي. ❖ مَدَني اِنعامات جو اهو عظيم تحفو بزرگانِ دِين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين جي ياد ڏياري ٿو، ❖ مَدَني اِنعامات بُزرگانِ دِين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين جي نَقشِ قَدَم تي هلندي فِڪرِ مدينہ يعني پنهنجي عملن جو مُحَاسَبو ڪرڻ جو بهترين ذَرِيعو آهي. انهي مدني انعامات مان مدني انعام نمبر 38 آهي: ڇا اڄ اوهان **ڪوڙ، غيبت، چغلي، حسد، تڪبر ۽ وعده خلافي ڪان بچڻ ۾ ڪامياب ٿيؤ؟**

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان باطني گناهن ۽ هلاڪت ۾ وجهڻ وارن عملن کان بچڻ چاهيون ٿا تہ اسان کي اڄ کان ئي هن مدني انعام تي عمل شروع ڪرڻ سان گڏوگڏ **سچي زِندگي** جي لاءِ مدني انعامات کي اپنائڻ گهرجي، مدني انعام نمبر 38 اسان جي باطن کي سنوارڻ جو هڪ مدني نسخو آهي، ڪوڙ، غيبت، چغلي، حسد، تڪبر ۽ وعده خلافي هي اهي باطني بُرا عمل آهن جيڪي اسان جي باطن کي بد صورت بڻائيندا آهن، الله پاڪ اسان کي ظاهري ۽ باطني طور تي هر طرح جي گناه کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ مدني انعامات جو عامل بڻائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اچو!مدني انعامات جي رسالي جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا،

## مدني انعامات جي رسالي جي بَرڪت

بابُ المدينہ ڪراچي جي علائقي نيو ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجھ هن طرح بيان آهي، علائقي جي مسجد جي امام صاحب جيڪو دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ هو، ان اِنفرادي ڪوشش ڪندي ان جي وڏي ڀاء کي مدني اِنعامات جو هڪ رِسالو تحفي ۾ ڏنو، هو گهر کڻي آيو ۽ پڙهائين تہ حيران ٿي ويو تہ هن مختصر رسالي ۾ هڪ مسلمان کي اِسلامي زندگي گذارڻ جو ايترو زبردست طريقو ڏنو ويو آهي. مدني انعامات جو رِسالو ملڻ جي بَرڪت سان اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! اُن کي نماز جو جذبو مليو ۽ نمازِ باجماعت جي ادائيگي جي لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿي ويو ۽ پنج وقت جو نمازي بڻجي چڪو آهي، ڏاڙهي مُبارَڪ بہ سجائي ورتي ۽ مَدَني انعامات جو رِسالو بہ پر ڪندا آهن.

مَدنی انعامات کے عامل پہ ہر دم ہر گھڑی
یاالٰہی! خُوب برسا رحمتوں کی تُو جھڑی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان بزرگن جي گريو و زاري ۽ انهن جي خوفِ آخرت ۽ خوفِ جهنم بابت ٻڌي رهيا هئاسين، انهن نيڪ ٻانهن مان حضرت سيدُنا عطاء سَلِيمي رَحمَةُاللهِ عَلَيه بہ آهن.

## حضرت عطا رَحمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيه جو خوفِ جهنم

حضرت سيدُنا علاء بن محمد رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه بيان ڪن ٿا تہ مان حضرت سيدُنا عطاء سليمي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي گهر ۾ داخل ٿيس ان وقت پاڻ تي بيهوشي طاري هئي. مون انهن جي گهرواريءَ اُمِّ جعفر کان پڇا ڪئي تہ حضرت سيدُنا عطاء سليمي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه هن حال ۾ ڇو آهن؟ چيائون: اسان جي پاڙي واريءَ تندور دکايو آهي، هي دُکايل تندور ڏسي بيهوش ٿي ڪري پيا.

حضرت سيدُنا ابراهيم محلي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو بيان آهي تہ مان حضرت سيدُنا عطاء سَليمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي گهر ويس مون انهن کي گهر ۾ نہ ڏٺو، اوچتو مون کي پاڻ هڪ کمري جي کنڊ ۾ ويندل نظر آيا ۽ سندن آس پاس واري جڳهہ آلي ٿي رهي هئي. مون گمان ڪيو تہ پاڻ هتي وضو ڪيو هوندو ۽ اهو انهيءَ جو اثر آهي. تہ مون کي سندن جي گهر ۾ رهڻ واريءَ هڪ پوڙهيءَ عورت ٻڌايو تہ اها زمين سندن لڙڪن جي ڪري آلي ٿي آهي.

حضرت سيدُنا صالح مُرّي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه بيان ڪن ٿا تہ حضرت سيدُنا عطاء سَليمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجو پاڻ تي تنگي ڪندا هئا ايستائين جو ڪمزور ٿي ويا. مون ان کي چيو: اوهان پنهنجو پاڻ تي تنگي ڪئي آهي ۽ مان اوهان کي هڪ شيءِ موڪليندس، تحفو واپس نہ موٽائجو. حضرت سيدُنا عطاء سَليمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمايائون: اوهان جيڪو چاهيو ٿا ڪري ونو. پوءِ مون جيڪو بهترين قسم جو سَتُّو دستياب ٿي سگهيو اهو ۽ گهي خريد ڪيو ۽ انهن ٻنهي کي ملائي سندن لاءِ شربت ٺاهيو ۽ ان کي منو ڪيو ۽ ان کي پنهنجي پٽ هٿان سندن وٽ موڪلي ڇڏيو ۽ گڏ هڪ پيالو پاڻي جو موڪليو ۽ پنهنجي پٽ کي چيو: جيستائين حضرت عطاء رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ان کي پيءُ نہ ونن اتان نہ اُٿجان. منهنجو پٽ واپس آيو ۽ اچي ٻڌايائين تہ انهن پيءُ ورتو آهي. جڏهن ٻيو ڏينهن آيو تہ مون وري ساڳيو ئي شربت پنهنجي پٽ هٿان موڪليو. منهنجو پٽ واپس آيو ۽ ٻڌايائين انهن ناهي پيتو. مان حضرت عطاء رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه وٽ آيس ۽ سندن کي ملامت ڪندي چيو: سُبۡحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! منهنجو تحفو اوهان موٽائي ڇڏيو، جڏهن تہ اهو اوهان جي لاءِ نماز ۽ ذِڪرُ الله تي معاون (يعني مددگار) آهي ۽ قوت ڏيندو آهي. انهن جڏهن منهنجي ڪاوڙ ڏٺي تہ فرمايائون: اي ابُو بشر! الله پاڪ توهان کي بُرائي نہ پهچائي! جڏهن توهان پهرين ڀيري موڪليو تہ مون پيءُ ورتو هو ۽ جڏهن توهان ٻيو ڀيرو موڪليو تہ مون پاڻ کي ان جي پيئڻ تي مائل ڪيو پر مان پيئڻ تي قادر نہ ٿي سگهيس، مان جڏهن بہ ان کي پيئڻ جو ارادو ڪيان ٿو تہ مون کي الله پاڪ جو اهو فرمان ياد اچي ٿو:

يَّتَجَرَّعُهٗ وَلَا يَكَادُ يُسِيۡغُهٗ وَيَاۡتِيۡهِ الۡمَوۡتُ مِنۡ كُلِّ مَكَانٍ (پ۱۳، ابراهيم:۱۷)

**ترجمو كنز الايمان:** سخت مشكل سان ڍڪ ڍڪ ڪري ان کي پيئندو ۽ نڙي کان هيٺ لهڻ جي اميد ڪانہ هوندس ۽ ڪيس هر طرف کان موت ايندو.

حضرت سيدُنا صالح رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان اهو ٻڌي روئي پيس ۽ پنهنجي دل ۾ چيم: مان ڪنهن بي وادي ۾ آهيان ۽ (هي نيڪ ٻانها) ڪنهن ٻي وادي جا رهواسي آهن. (الله والوں کی باتیں، ۶/۳۰۵-۳۰۶)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي اسان حڪايت جي دوران جيڪا آيت سڳوري ٻُڌي آهي، تفسير صراط الجِنان ۾ هن آيتِ ڪريمہ تحت آهي: جهنم ۾ جهنمي کي جڏهن پونء پريو پاڻي پيئاريو ويندو تہ ان جي ڪوڙاڻ جي ڪري وڏي مشڪل سان ٿورا ٿورا ڍڪ پريندو ۽ ان جي قباحت ۽ ڪراهت جي ڪري ائين نہ لڳندو جو ان کي نڙي کان هيٺ لاهي سگهي ۽ مختلف عذابن جي صورت ۾ هر پاسي کان موت جا سبب ان وٽ ايندا، پر اهو مرندو نہ جو مري ڪري ئي راحت ماڻي ۽ ان کي هر عذاب کان پوءِ ان کان وڌيڪ شديد ۽ سخت عذاب ٿيندو. (صراط الجنان،۵/۱۵۸) الله پاڪ اسان کي جهنم ۽ ان جي عذابن کان محفوظ فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِ الۡاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اچو! گڏجي جهنم کان آزادي ۽ شبِ قدر جي دعا ڪريون ٿا: اَللّٰهُمَّ اَجِرۡنِيۡ مِنَ النَّار اي الله مون کي (جهنّم جي) باھ کان نجات عطا فرما.

اَللّٰهُمَّ اِنَّكَ عَفُوٌّ تُحِبُّ الۡعَفۡوَ فَاعۡفُ عَنَّا اي الله! بيشڪ تُون معاف ڪرڻ وارو آهين، معاف ڪرڻ کي پسند ڪرين ٿو، پوءِ اسان کي معاف فرمائي ڇڏ.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! اسان جا بزرگانِ دِين جهنم جي خوف سبب ڪيترا بيقرار رهندا هئا، انهن جو حال اهو هو جو جيڪڏهن ڏُڪندڙ تندور

کي ڏسن تہ جهنم جي باھ کي ياد ڪندي خوف جي ڪري بيهوش ٿي ويندا ها، لذيذ کاڌي سان ان ڪري اهي لطف اندوز نہ ٿي سگهندا ها جو انهن کي جهنم ۾ کارايو ويندڙ کاڌو ياد ايندو هو، اي ڪاش جو اسان بہ انهن جي نقشِ قدم تي هلڻ وارا بڻجي وڃون. اسان کي بہ انهن جهڙي نگاھ عبرت نصيب ٿي وڃي.

افسوس! اسان جي غفلت ۽ بي فڪري تہ ايتري قدر وڌي چڪي آهي، اهي ڪم جيڪي واضح طور تي آخرت جي ياد ڏيارن ٿا انهن کان بہ اسان عبرت نٿا وٺون. جڏهن تہ اسان جي بزرگن جو حال اهو هو جو هر انوکي شيءِ انهن کي جهنم جي ياد ڏانهن ڪٽي ويندي هئي. اچو انهيءَ باري ۾ هڪ بي حڪايت پڙهون ٿا:

## جهنم کي ياد ڪري روئڻ:

جيئن حضرت سيدُنا مَسمَع بن عاصم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه بيان ڪن ٿا تہ مون حضرت سيدُنا عبدالعزيز بن سلمان، حضرت سيدُنا ڪلاب ۽ حضرت سيدُنا سلمان اَعرج رَحِمَهُمُ الله السَّلام ڪنهن ساحل (سمنڊ جي ڪناري) تي رات گذاري، ٿوري دير ۾ اوچتو حضرت سيدُنا ڪلاب رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه روئڻ لڳا، اهي ايترا رُنا ايترا رُنا جو مون کي انديشو ٿيڻ لڳو تہ ڪٿي پاڻ وفات نہ ڪري وڃن. پوءِ انهن جي روئڻ جي ڪري حضرت سيدُنا عبدالعزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بہ روئڻ لڳا، ٿوري ئي دير ۾ حضرت سيدُنا سلمان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بہ انهن ٻنهن جي روئڻ جي ڪري روئڻ لڳا. حضرت مَسمَع رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه چون ٿا: انهن ٽنهي کي روئيندو ڏسي مان بہ روئڻ لڳس. پر مون کي اهو معلوم نہ هو تہ اهي ٽئي ڇو روئي رهيا آهن. پوءِ بعد ۾ مون حضرت سيدُنا عبدالعزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان پڇا ڪئي: اي ابو محمد! ان رات اوهان ڪهڙي سبب رُنا ها؟ انهن فرمايائون: خدا جو قسم! جڏهن مون سمنڊ جون موجون ڏٺيون ۽ انهن جو شور ٻُڌو تہ مون کي جهنم جي باھ ۽ ان جو آواز ياد اچي ويو جنهن سبب مان روئڻ لڳس. پوءِ مون واري واري سان حضرت سيدُنا ڪلاب ۽ حضرت سيدُنا سلمان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهما کان بہ پڇا ڪئي تہ

انهن ۾ اهو ئي جواب ڏنو ته سمنڊ جون موجون ۽ انهن جو شور ڏسي اسان کي جهنم جي باھ ۽ ان جو آواز ياد اچي ويو هو. (اللّٰہ والوں کی باتیں، ۳۴۴/۶ بتغیر)

الٰہی! جَہَنَّم سے آزاد کر دے
میں فِردَوس میں داخِلہ مانگتا ہوں

اچو! گڏجي جهنم کان آزادي ۽ شبِ قدر جي دعا ڪريون ٿا: اَللّٰھُمَّ اَجِرْنِیْ مِنَ النَّار اي الله مون کي (جهنّم جي) باھ کان نجات عطا فرما

اَللّٰھُمَّ اِنَّكَ عَفُوٌّ تُحِبُّ الْعَفْوَ فَاعْفُ عَنَّا اي الله! بيشڪ تُون معاف ڪرڻ وارو آهين، معاف ڪرڻ کي پسند ڪرين ٿو، پوءِ اسان کي معاف فرمائي ڇڏ.

مجھے نارِ دوزخ سے ڈر لگ رہا ہے
ہو مجھ ناتواں پر کرم یاالٰہی
جَلا دے نہ نارِ جہنم کرم ہو
بپئے بادشاہِ اُمم یاالٰہی
(وسائلِ بخشش مرمّم، ص۱۱۱،۱۱۰)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! ساحلِ سمنڊ (سمنڊ جو ڪنارو) اسان جي ويجهو تفريحي جيان شمار ٿيندو آهي، جڏهن ته الله وارن جي لاءِ اهو ۾ عبرت جو نظارو هوندو آهي، اي ڪاش جو اسان جي ۾ عبرت ڀري نگاھ بيدار ٿي وڃي، اسان جو حال ته اهو ٿي چڪو آهي جو اسان انهن کان ۾ عبرت نٿا حاصل ڪريون جيڪي عبرت جون ئي جڳهون هونديون آهن. جي ها! ايندڙ ڏينهن مرڻ وارن جا اعلان ٻڌون ٿا، غُسلِ ميت ۾ ڏيون ٿا، جنازن ۾ شرڪت ڪري ڪڏهن ڪڏهن ميت کي ڪلهو ۾ ڏيون ٿا، ميت کي پنهنجي هٿن سان

قبر ۾ بہ لاهيون ٿا، مرڻ واري کي مٽن مٽي هيٺ دفن ڪري پنهنجي هٿن سان مٽي بہ وجهون ٿا. پر انهن عبرت انگير لمحن کان عبرت حاصل نٿي ٿئي، هاڻي جنازن ۾ بہ ڪي نادان ماڻهو کل مذاق ۾ لڳل هوندا آهن تہ ڪي موبائل تي ٽائم پاس (Time pass) ڪري رهيا هوندا آهن، ڪجھ پنهنجي ڪاروباري معاملن تي بحث ڪري رهيا هوندا آهن تہ ڪجھ موقع غنيمت سمجهي خانداني مسئلن ۾ اُلجهيل هوندا آهن. ڪي سياست تي تبصرا ڪري رهيا هوندا آهن تہ ڪي ڪرڪٽ ميچ تي ڳالهيون ڪري رهيا هوندا آهن.

پهريان جي ماڻهن جي جنازن ۾ ڪهڙي ڪيفيت هوندي هئي. اچو! ان جون ڪجھ روايتون پڙهون ٿا:

1. صحابي رسول، حضرت سيدُنا ابو هريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي باري ۾ منقول آهي تہ جڏهن ڪو جنازو ڏسندا ها تہ فرمائيندا ها: وڃو اسان توهان جي پويان اچي رهيا آهيون. (احياء العلوم، ۵/۵۸۴)
2. حضرت سيدُنا اعمش رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: اسان جنازن ۾ شريڪ ٿيندا هئاسين پر مجمع ۾ هر شخص جي رنج وغم جي تصوير نظر اچڻ جي سبب اسان کي سمجھ نہ ايندو هو ڪنهن سان تعزيت ڪريون. (احياء العلوم، ۵/۵۸۵)
3. حضرت سيدُنا ثابت بناني رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: اسان جنازن ۾ شرڪت ڪندا هئاسين ۽ هر شخص کي چادر سان پنهنجو مٿو ڍڪي روئيندي ڏسندا هئاسين. (احياء العلوم، ۵/۵۸۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مختلف گناهن جا مختلف عذاب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي اسان بزرگن جي خوفِ جهنم جا ڪجھ واقعا پڙهيا آهن. اسان مان هر هڪ کي جهنم جي مٿي قائم پُل صِراط تان گذرڻو آهي.

جيڪڏهن اسان پنهنجي دل ۾ جهنم جي هولناڪين جو ڊپ پيدا ڪنداسين تہ ربّ جي رحمت کان اميد آهي تہ جهنم کان نجات ملي ويندي، جهنم جا عذاب بي شمار آهن. ڪن روايتن ۾ مختلف گناهن جا مختلف عذاب ٻڌايا ويا آهن. اچو! اهڙن ئي ٽن گناهن جو تذڪرو ٻڌون ٿا ۽ انهن گناهن کان بچڻ جي بہ پڪي نيت ڪريون ٿا:

## (1) تڪبر ڪندڙن کي ڏنو ويندڙ عذاب

حضورِ اڪرم ،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايائون: قيامت جي ڏينهن مغرورن کي انساني صورتن ۾ ڪِولين وانگر اُٿاريو ويندو، هر پاسي کان انهن تي ذلت طاري هوندي، انهن کي جهنم جي ”بُولس“ نالي قيد خاني ڏانهن ڌِڪيو ويندو ۽ باهہ انهن کي پنهنجي وَڪڙ ۾ وٺي انهن تي غالب اچي ويندي، انهن کي ”طِيْنَةالْخَبَال“ يعني دوزخين جي پونءِ پياري ويندي.
(ترمذي، ڪتاب صفة القيامة ، ۴/۲۲۱، حديث: ۲۵۰۰)

مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: بُولَس يعني ياس ۽ نا اميدي چوتہ اتان نڪرڻ جي اميد نہ هوندي ان ڪري ان مقام جو نالو بُولَس آهي. پوءِ جيئن پاڻي ۾ ٻڏڻ وارو هر پاسي کان پاڻي ۾ هوندو آهي ائين ئي اهي ماڻهو باهہ جي سمنڊ ۾ ٻڏل هوندا، هر پاسي باهہ هوندي ۽ ان باهہ ۾ مختلف باهن جي گرمي گڏ ڪئي وئي هوندي، ان کي باهن جي باهہ فرمايو ويو. وڌيڪ فرمائن ٿا تہ غُصّو ۽ تڪبر ڪندڙن کي جهنم جي هيٺين طبقي اَسفلُ السّافِلين ۾ رکيو ويندو جتي تمام دوزخين جو رت پونءِ وهي ايندو رهندو، انهن کي اهو پياريو ويندو، ان گندگي جو نالو طِينَة الخَبَال آهي. خبال بمعني فساد، طينہ بمعني بدبودار نچوڙ، اهو نهايت ئي گرم گهٽو بدبودار، گهاٽو هوندو، سخت بدمزه جنهن کي ڏسي اُلٽي اچي وڃي، دل گهٻرائي پر اڄ ۽ بک جي غلبي سبب ڪاٽو پوندو. خدا جي پناهہ!. (مرآة المناجيح ۶۶۱/۸)

**اي عاشقانِ ماه رمضان!** پنهنجي ڪمزور بدن تي ترس ڪائو ۽ جهنم جي تباهہ ڪارين کان پنهنجو پاڻ کي ديڄاريو، جڏهن بہ نفس ۽ شيطان ڪنهن

مسلمان کي حقير سمجهي ۽ غرور ۽ تڪبُّر جو مظاهرو ڪرڻ تي اُياري ته هڪدم جهنم جي عذابن کي ياد ڪريو، ڇوته تڪبُّر تمام بُري عادت آهي، جنهن بدنصيب کي تڪبُّر جي بيماري لڳي وڃي ان کي تباهي ۽ بربادي جي ويجهو آڻي ڇڏيندي آهي ۽ نيٺ ان کي جهنم جو حقدار بڻائيندي آهي، جيئن

حضرت سَيدُنا عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا: جهنم ۾ هڪ محل آهي جنهن جو نالو بُولَس آهي، ان ۾ ظالم ۽ متڪبر ماڻهو داخل ٿيندا، اهو سيني باهن جو منبع ۽ مرڪز آهي، سيني بُرائين کان وڌيڪ بُرو آهي، سڀ غمناڪين کان وڌيڪ غمناڪ آهي، سيني موتن جو موت آهي ۽ برن ڪوهن مان بد ترين آهي. (التخويف من النارلابن رجب،ص٨٨)

اچو! گڏجي جهنم کان آزادي ۽ شبِ قدر جي دعا ڪريون ٿا: اَللّٰھُمَّ اَجِرْنِیْ مِنَ النَّار اي الله مون کي (جهنّم جي) باهه کان نجات عطا فرما

اَللّٰھُمَّ اِنَّك عَفُوٌّ تُحِبُّ الْعَفْوَ فَاعْفُ عَنَّا اي الله! بيشڪ تُون معاف ڪرڻ وارو آهين، معاف ڪرڻ کي پسند ڪرين ٿو، اسان کي معاف فرمائي ڇڏ.

الٰہی! جَہَنَّم سے آزاد کر دے
میں فِردَوس میں داخِلہ مانگتا ہوں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (2) نمازون قضا ڪرڻ وارن لاءِ عذاب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جهنم ۾ جن بد نصيبن کي دردناڪ ۽ هولناڪ عذابن کي منهن ڏيڻو پوندو انهن ۾ نمازون قضا ڪرڻ وارا به شامل آهن، جن کي جهنم جي "غَي" نالي وادي ۾ وڌو ويندو، جيئن

الله پاڪ سيپاري 16 سوره مريم آيت نمبر 59 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

فَخَلَفَ مِنۢ بَعۡدِهِمۡ خَلۡفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَ اتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوۡفَ يَلۡقَوۡنَ غَيًّا ﴿۵۹﴾ (پ۱۶،سوره مريم:۵۹)

**ترجمو ڪنز الايمان:** پوءِ انهن جي پنيان انهن جي جاءِ تي اهي نالائق آيا جن نمازون وڃايون ۽ پنهنجي خواهشن جي پنيان لڳا عنقريب پوءِ اهي دوزخ غيّ جو جهنگ ڏسندا.

## خوفناڪ کوھ

صَدرُ الشَّرِيعَہ، بَدرُالطَّرِيقَہ حضرتِ علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اَعظَمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”غَيّ“ جهنم جي هڪ وادي آهي جنهن جي گرمي ۽ اونهائي سڀ کان وڌيڪ آهي، ان ۾ هڪ کوھ جنهن جو نالو ”هَب هَب“ آهي، جڏهن جهنم جي باھ وسامڻ تي ايندي آهي تہ الله پاڪ ان کوھ کي کولي ڇڏيندو آهي جنهن سان اها (جهنم جي باھ) بدستور ڀڙڪڻ لڳندي آهي. هي کوھ بي نمازين ۽ زانين ۽ شرابين ۽ وياج خورن ۽ ماءُ پيءُ کي ايذاء ڏيڻ وارن جي لاءِ آهي.
(بهارِشريعت،ج۱،ص ۴۳۴ملتقطاً)

**اي عاشقانِ ماهِ رمضان!** خوفِ خُدا وَندي سان ڏڪي پئو ۽ گهٻرائي جلدي جلدي پنهنجي گناهن کان تَوبہ ڪري وٺو جو زندگي جو ڪو ڀروسو ناهي، اچو! هٿو هٿ نيت ڪريون ٿا تہ آئنده ڪا نماز نہ ڇڏينداسين، شراب نوشي کان بچندا رهنداسين، بد ڪاري کان هردم بچندا رهنداسين، وياج خوري ۽ والِدَين جي نافرماني کان بچندا رهنداسين.

اچو! گڏجي جهنم کان آزادي ۽ شبِ قدر جي دعا ڪريون ٿا: اَللّٰهُمَّ اَجِرۡنِيۡ مِنَ النَّار اي الله مون کي (جهنّم جي) باھ کان نجات عطا فرما

اَللّٰهُمَّ اِنَّكَ عَفُوٌّ تُحِبُّ الۡعَفۡوَ فَاعۡفُ عَنَّا اي الله! بيشڪ تُون معاف ڪرڻ وارو آهين، معاف ڪرڻ کي پسند ڪرين ٿو، پوءِ اسان کي معاف فرمائي ڇڏ.

الٰہی! جَہَنَّم سے آزاد کر دے
میں فِردَوس میں داخِلہ مانگتا ہوں

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (3) غيبت ڪرڻ وارن لاءِ عذاب

اي عاشقانِ رسول! غيبت بہ هڪ اهڙو گناهہ آهي جيڪو جهنم جي عذابن جو حقدار بڻائي سگهي ٿو. ڪنهن مسلمان جي غيرموجودگي ۾ ڪنهن اهڙي عيب جو ذِڪر ڪرڻ، جو ان ۾ موجود هجي غيبت چئبو آهي ۽ غيبت ڪرڻ گناهِ ڪبيره، قطعي حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، غيبت ڪرڻ وارن جي لاءِ جهنم ۾ درد ناڪ عذاب هوندا، جيئن

## باهہ ۽ پاڻي جي وچ ۾ پڇندو وتندو

حضور نبي ڪريم، رءُوفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايائون: چئن قسمن جا جهنّمي جيڪي حَمِيم ۽ جَحِيم (يعني ٿهڪندڙ پاڻي ۽ باهہ) جي وچ ۾ پڇندا ۽ وَيل وثُبُور (يعني هلاڪت) پيا گهرندا رهندا. انهن مان هڪ اهڙو بہ هوندو جيڪو پنهنجو گوشت کائيندو هوندو . جهنّمي چوندا هن بدبخت کي ڇا ٿيو آهي جو اسانجي تڪليف ۾ واڌارو پيو ڪري . انهن کي چيو ويندو، هي ”بَدبَخت“ ماڻهن جو گوشت کائيندو (يعني غيبت ڪندو) ۽ چُغلي هڻندو هو. (ذم الغيبة لابن ابي الدنيا، ص٨٩ ،حديث: ٤٩)

## غيبت جون تباهہ ڪاريون

اچو! غيبت جون ڪجهہ تباهہ ڪاريون ٻڌون ٿا ۽ غيبت کان بچڻ جي سچي پڪي نيت ڪريون ٿا، جيئن

غيبت ڪرڻ واري کي جَهنّم ۾ مردار کائڻو پوندو. ❖ غيبت مُئل ياءَ جي گوشت کائڻ برابر آهي. ❖ غيبت ڪرڻ وارو قبر جي عذاب ۾ گرفتار ٿيندو ❖ غيبت ڪرڻ وارا ٽامي جي ننهن سان پنهنجي چهري ۽سيني کي هر هر رهڙي رهيا هوندا ❖ غيبت ڪرڻ واري کي اُن جي پاسن کان گوشت ڪَٽي ڪَٽي کارايو ويندو. ❖ غيبت ڪرڻ وارا قيامت ۾ ڪُتي جي شڪل ۾اٿندا. ❖ غيبت ڪرڻ وارا جهنّم جا ٻاندَر هوندا. ❖ غيبت ڪرڻ واري کي دوزخ ۾ پنهنجو ئي گوشت کائڻو پوندو. ❖ غيبت ڪرڻ وارا ٿهڪندڙ پاڻي ۽ باهہ جي

وچ ۾ موت گھرندي پيا پڄندا ۽ ان کان جهنّمي بہ بيزار هوندا. ❖ غيبت ڪرڻ وارا سيني کان اڳ ۾ جهنّم ۾ ويندا.

اچو! گڏجي جهنم کان آزادي ۽ شبِ قدر جي دعا ڪريون ٿا: اَللّٰهُمَّ اَجِرْنِيْ مِنَ النَّار اي الله مون کي (جهنّم جي) باھ کان نجات عطا فرما

اَللّٰهُمَّ اِنَّكَ عَفُوٌّ تُحِبُّ الْعَفْوَفَاعْفُ عَنَّا اي الله! بيشڪ تُون معاف ڪرڻ وارو آهين، معاف ڪرڻ کي پسند ڪرين ٿو، پوءِ اسان کي معاف فرمائي ڇڏ.

الٰہی! جہنّم سے آزاد کر دے
میں فِردَوس میں داخِلہ مانگتا ہوں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## چندبہ رات جي مدني قافلن جي ترغيب

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** رمضان المبارڪ هاڻي ڪجھ ڏينهن جو مهمان رهي ويو آهي ۽ عنقريب اسان کان رخصت ٿيڻ وارو آهي. پوءِ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ **عيدِ سعيد** جي آمد آمد ٿيندي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هر سال اعتڪاف ڪرڻ وارا ڪوڙ اسلامي ڀائر ۽ ٻيا عاشقانِ رسول **"پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش"** جي مقدس جذبي سان سرشار ٿي چندبہ رات جو **12 ماھ، 1ماھ، 12 ڏينهن ياڏ3 ڏينهن** جي لاءِ مدني قافلن جا مسافر ٿيندا آهن، تنهنڪري همت ڪريو ۽ چندبہ رات کان سفر ڪرڻ وارن خوش نصيب عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن جي لاءِ هاڻي کان نيت ڪري ونو، پنهنجي ذمہ داران سان رابطو ڪريو ۽ مدني قافلي جي لاءِ پنهنجو نالو لکرايو، بلڪ ممڪن هجي تہ هٿو هٿ سفري اخراجات بہ جمع ڪرايو. الله ڪريم اسان کي چندبہ رات جومدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي سعادت نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِىِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فيضانِ مدني قافلو! جاري رهندو. اِنْ شَآءَالله

فيضانِ مدني قافلو! جاري رهندو. اِنْ شَآءَالله

فيضانِ مدني قافلو! جاري رهندو. اِنْ شَآءَالله

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اهڙي طرح خوش نصيب عاشقانِ رسول مختلف مدني كورسن ۾ بہ داخلو وٺن ٿا ۽ علمِ دين جي نور سان پنهنجي قبر و آخرت روشن ڪن ٿا. انهن مدني كورسن ۾ 7 ڏينهن جو فيضانِ نماز ڪورس، 7 ڏينهن جو 12مدني ڪم ڪورس، 7 ڏينهن جو اصلاحِ اعمال ڪورس ۽ 63 ڏينهن جو مدني تربيتي ڪورس شامل آهن. عاشقانِ رسول جي صحبت سان مالامال اهي تمام مدني ڪورسَ آخرت جي لاءِ نفع مند آهن. هنن مدني ڪورسن ۾ بعض اهي علوم بہ حاصل ٿين ٿا جن جو سکڻ هر عاقل بالغ مسلمان تي فرض آهي. اهي مدني ڪورسَ مختصر وقت ۾ ڪثير علمِ دين سکڻ ۽ مدني ڪمن جي رفتار تيز ڪرڻ جا بهترين ذريعا آهن. انهن ۾ بہ داخلو وٺو، بلڪ تي سگهي تہ هاڻي ڪان ئي پنهنجو نالو انهن مدني ڪورسن ۾ داخلي جي لاءِ لکرائي ڇڏيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي شعبن جو مُختصر تعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جتي سُنّتن جي تربيت ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪري رهي آهي اتي ڪم وبيش 104شعبن ۾ مَدَني ڪم ڪري رهي آهي، هن سمورن شُعبن کي هلائڻ جي لاءِ ڪروڙين نہ بلڪ اربين روپين جي اَخراجات جي ضرورت پوندي آهي، مُلڪ وبيرونِ مُلڪ دعوتِ اسلامي تحت ڪم وبيش 616 (ڇهہ سو سورهن) جامعاتُ المدينہ ( للبنين وللبنات) قائم آهن جن ۾ ڪم و بيش، 52574 (باونجهہ هزار پنج سو چوهتر)، شاگرد ۽ شاگرديائيون درسِ نظامي ڪري رهيون آهن، ملڪ و بيرونِ ملڪ تقريباً 3287 (ٽي هزار بہ سو ستاسي) مدرسةُ المدينہ(للبنين وللبنات) بہ قائم

آهن، جن ۾ ڪم وبيش 152340 (هڪ لک ٻاونجھ هزار ٽي سو چاليھ) مدَني مُنّا ۽ مدَني مُنّيون حِفظ ۽ ناظره جي مُفت تعليم حاصل ڪري رهيون آهن. هنن مدرسن مان حفظِ قرآن مڪمل ڪرڻ وارن مدني منّن ۽ مدني منّين جو تعداد تقريباً 80731 (اسّي هزار ست سو ايڪيٽھ) آهي. جڏهن تہ ناظره قرآن جي تڪميل ڪرڻ وارن مدني منّن ۽ مدني منّين جو تعداد تقريباً 241028 (ٻہ لک ايڪتاليھ هزار اٺاويھ) آهي. پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ دارُالافتاء اهلسنّت، المدينۃُ العلميہ، مجلسِ مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريہ جنهن سان ماهانہ لکين مسلمان فيضياب ٿي رهيا آهن، ان جي علاوه مدَني مرڪز (فيضانِ مدينہ)، ٻين مسجدن جي تعميرات و انتظامات، مدَني تَربِيت گاهون، مختلف مدني ڪورسز (مثلاً فرض عُلُوم ڪورس، امامت ڪورس، مدرس ڪورس، اِصلاحِ اعمال ڪورس، 12مدني ڪم ڪورس، فيضانِ نماز ڪورس وغيره)، اهڙي طرح هفتيوار اجتماعات، وڏين راتين (مثلاً اجتماعِ ميلاد،اجتماعِ غوثيہ،اجتماعِ معراج،اجتماعِ شبِ براءَت ۽ اِجتماعِ شبِ قدر وغيره) جا اجتماع، سڄي رمضان/آخري عشري جو اجتماعي اعتڪاف وغيره سان بہ دِين و سُنّت جو ڪم ٿي رهيو آهي.

مُنَظّم طريقي سان مدَني ڪمن کي تيزي سان اڳتي کان اڳتي وڌائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي کي وڏي رقم جي ضرورت هوندي آهي، اوهان بہ پنهنجا مدني عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيو، نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ ۾ پنهنجي هن مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو. اوهان سان گذارش آهي تہ ملڪ وبيرونِ ملڪ دعوتِ اسلامي جي زيرِ انتظام هلندڙ **مدارسُ المدينہ، جامعاتُ المدينہ ۽ ٻين شعبن** جي تمام اَخراجات جي لاءِ پنهنجي مدني عطيات (چندي) سان تعاوُن فرمايو ۽ ثوابِ جاريہ جا حق دار بڻجي وڃو. ياد رکو! دعوتِ اسلامي جي شعبن جا اَخراجات هر سال وڌندا پيا وڃن، اسان کي پنهنجي دعوتِ اسلامي جي ڪم کي هلائڻو آهي، دعوتِ اسلامي جي مدني ڪم ۽ مدني پيغام کي سڄي دُنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائڻو آهي، بلڪ هن

کي مضبوط بنائڻو آهي، جو اها خوب الله پاڪ جي دِين جي خدمت ڪري، فطرن جا بستا وڏايو، فطره ڏيڻ وارن جو هڪ تعداد هوندو آهي جيڪو ٽيبل ڪرسي، بينر وغيره ڏسي فطرو ڏيندو آهي، بازارن ۾ مسجدن ۾ فطري جا بستا لڳايو، مدني عطيات جا جيترا بستا گهڻا لڳندا، اوترو فطره به گهڻو ملندو. لهٰذا ضرور بالضرور هن ۾ تعاون ڪريو.

صدقو ڏيڻ ۾ راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جا گهڻا فائدا آهن. اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا شاه احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فتاويٰ رضويہ جلد 23، صفحي نمبر 152 تي احاديثِ طيبہ مان صدقو ڏيڻ جون فضيلتون بيان ڪيون آهن، اچو! انهن مان ڪجھ ٻڌون ٿا: ❖ بِاِذْنِهٖ تَعَالٰی (الله پاڪ جي عطا سان صدقو ڏيڻ وارا) ٻُري موت کان بچندا۔ ❖ (صدقو ڏيڻ سان) ستر(70) دروازا ٻُري موت جا بند ٿيندا. ❖ (صدقو ڏيڻ وارن جون) عُمرون گهٽيون ٿينديون. ❖ (صدقو ڏيڻ سان) رِزق جي وُسعت، مال جي ڪثرت ٿيندي، ❖ (صدقو ڏيڻ وارا) هن عادت سبب ڪڏهن محتاج نہ ٿيندا. ❖ (صدقو ڏيڻ وارا) خير و برڪت ماڻيندا. ❖ (صدقو ڏيڻ وارن سان گڏ) مددِ الٰهي شامل ٿيندي. ❖ رحمتِ الٰهي اُن (يعني صدقو ڏيڻ وارن) جي لاءِ واجب ٿيندي. ❖ ملائڪ اُنهن تي درود موڪليندا آهن. ❖ (صدقو ڏيڻ سان) انهن جا گناه بخشيا ويندا، ❖ مغفرت ان جي لاءِ واجب ٿيندي، ❖ اُنهن جي گناهن جي باھ وسامي ويندي.

الله پاڪ اسان کي دعوتِ اسلامي جي لاءِ مدني ڪمن ۾ سمورن شعبن جي لاءِ خوب خوب **صدقات ومدني عطيات** پاڻ بہ ڏيڻ ۾ ٻين کان گڏ ڪرڻ جي بہ توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ممڪن آهي تہ اڄ شبِ قدر هجي. شبِ قدر جون فضيلتون ۾ ان رات ۾ عبادت ڪرڻ وارن جي لاءِ انعاماتِ خداوندي تمام گهڻا

آهن، الله پاڪ هن رات پنهنجي ٻانهن تي رحمتِ الٰهي جي خوب بارش ڪندو آهي ۽ گناهگارن جي بخشش ۽ مغفرت ڪري انهن کي جهنم کان رهائي عطا ڪندو آهي پر ڪجهه اهڙا بدنصيب بہ آهن جيڪي هن مقدَّس رات ۾ بہ بخشش ۽ مغفرت کان محروم رهندا آهن،

## ملائڪ جهنڊا کڻي لهندا آهن

حضرتِ سيدنا عبدالله ابن عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا تہ حضورنبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ جڏهن **شبِ قدر** ايندي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان حضرت **جبريل** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هڪ سائو **جهنڊو** کڻي فرشتن جي تمام وڏي فوج سان گڏ زمين تي نُزول فرمائيندا آهن ۽ ان جهنڊي کي ڪعبۂ معظمہ تي ڦڙڪائيندا آهن. حضرتِ جبريل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا سؤ پر آهن جن مان ہہ پر صرف انهيءَ رات کوليندا آهن اهي پَرَ اوڀر ۽ اولهه ۾ ڦهلجي ويندا آهن پوءِ حضرتِ **جبريل** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرشتن کي حڪم ڏيندا آهن تہ جيڪو بہ ڪو مسلمان اڄ رات قيام، نماز يا ذڪرالله عَزَّوَجَلَّ ۾ مشغول آهي ان سان **سلام** ۽ **مصافحو** ڪريو، ۽ پڻ ان جي دعائن تي آمين بہ چئو. اهڙيءَ ريت صبح تائين اهو ئي سلسلو رهندو آهي. صبح ٿيڻ تي حضرتِ **جبريل** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرشتن کي واپسيءَ جو حڪم صادر فرمائيندا آهن. فرشتا عرض ڪندا آهن اي **جبريل** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **الله** عَزَّوَجَلَّ **پنهنجي پياري حبيب** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي امت** جي حاجتن جي باري ۾ ڇا ڪيو؟ حضرتِ **جبريل** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرمائيندا آهن، الله عَزَّوَجَلَّ انهن ماڻهن تي خصوصي ڪرم جي نظر فرمائي ۽ چئن قسمن جي ماڻهن کان سواءِ سڀني ماڻهن کي معاف فرمائي ڇڏيو. صحابۂ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو، ”يا رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي چئن قسمن جا ماڻهو ڪهڙا آهن؟ ارشاد فرمايائون (1) هڪ تہ شراب جو عادي (2) ٻيا ماءُ پيءُ جا نافرمان (3) ٽيان قطعِ رحمي ڪرڻ وارا. (يعني رشتيدارن کان تعلقات ٽوڙڻ وارا) ۽ (4) چوٿان اهي ماڻهو جيڪي پاڻ ۾ وير ۽ ڪِينو رکن ٿا ۽ پاڻ ۾ قطع تعلق ڪرڻ وارا.“ (شعَبُ الايمان ، ۳/۳۳۶، حديث:۳۶۹۵)

منا منا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته شراب نوشي ڪرڻ وارا، والدين جي نافرماني ڪرڻ وارا، رشتيدارن سان قطع تعلقي ڪرڻ وارا ۽ پاڻ ۾ بغض ۽ ڪينو رکڻ وارا شبِ قدر جي برڪتن سان محروم رهندا آهن. غور ڪريو ته بيان ڪيل بُرائين مان ڪا برائي اسان ۾ ته موجود ناهي، ڇا اسان پنهنجي والدين جي دل نتا ڏکايون؟، يا ڪنهن رشتيدار مثال طور ڀاءُ، ڀيڻ، چاچي، ماسڙ، مامن وغيره سان بلا وجه شرعي اٽڪٽ ته ناهي؟ ڇا اسان جي سيني ۾ ڪنهن مسلمان جي لاءِ بغض ۽ ڪينو ته ناهي ڀريل؟ خدانخواسته جيڪڏهن ڪو هنن گُناهن ۾ گرفتار آهي ته ساهه بعد ۾ ڪٽي ڀهريان هنن گناهن کان پڪي توبه ڪري ۽ جنهن جنهن جا حق ضايع ڪيا آهن انهن کان معافي گهرڻ جي نِيت به ڪري، نه ته ياد رکو! هنن گناهن جو انجام ڏاڍو ڀيانڪ ٿيندو آهي.

ياد رکو! ”**شراب نوشي**“دِين ۽ ايمان، جان ۽ مال ۽ صحت جي لاءِ نهايت تباهه ڪُن آهي، شراب تمام بُرائين جي جڙ آهي چوته شراب جي نشي ۾ انسان بدنگاهي، بدڪاري ۽ مختلف گناهن ۾ مُلوِّث ٿي پنهنجي دنيا ۽ آخرت برباد ڪندو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جامعة المدينہ ۾ داخلي جي ترغيب:

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو شعبو جامعة المدينہ للبنين (اسلامي ڀائرن جي لاءِ) جامعة المدينہ للبنات (اسلامي ڀينرن جي لاءِ) علمِ دين جي شمع روشن ڪرڻ ۾ شب و روز مصروفِ عمل آهي. جامعات المدينہ ۾ اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي عطا ڪيل مدني گلن جي روشني ۾ شاگردن ۽ شاگرديائين کي علمِ دِين جي نُور سان منور ڪرڻ سان گڏوگڏ تنظيمي ۽ اخلاقي تربيت به ڏني ويندي آهي، جامعةالمدينہ مان فارغ ٿيندڙ مدني عالمن ۽ مَدَنِيہ اسلامي ڀينرون دعوتِ اسلامي جي ڪئي شعبن ۾ خدمات سرانجام ڏئي رهيا آهن، اوهان به پنهنجن ٻارن، ڀينرن، ڀائرن ۽ عزيز واقارِب کي جامعة المدينہ ۾ داخلي جي ترغيب ڏياريو. امير اهلسنت

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا:هر مسلمان کي گهرجي تہ گهٽ مان گهٽ پنهنجي هڪ پٽ ۽ نياڻي کي عالم ۽ عالمہ بڻايو. جامعات المدينہ ۾ درسِ نظامي (عالم و عالمہ ڪورس) جا داخلا جاري آهن.

**داخلن جي آخري تاريخ:26شوال المڪرم1440ھ(30جون2019ء):**

اسلامي ڀائرن جي داخلائن جي لاءِ پنهنجي قريبي جامعة المدينہ للبنين ۾ ڏينهن 10 کان 1 ۽ اسلامي ڀينرن جي داخلائن جي لاءِ پنهنجي قريبي جامعات المدينہ للبنات ۾ هر جمعرات جو صبح 9:00 کان 1:00 رابطو ڪري سگهجي ٿو.

رابطو نمبر.(0311-1753826). (صرف اسلامي ڀائرن جي لاءِ)

jamiatulmadina@dawaeislami.net

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو!